سال : ٢١ | انک : ٣٢ | آڪٽوبر ٢٠١١ | Price Re 1/- | RNI NO. 47090/88

KAP

Connecting Amil Community Worldwide

# عامل سماچار

سنڌي سمپادڪ : شريمتي پونم چندرو ملاڻي

**اڄ جو ويچار**

**پرپوءَ جو سوکڙي**

زندگي خوبصورت آهي - پرپوءَ جي سوکڙي
شڪ اسين اُها سندس شيوا ۾ ڪتب آڻيو
۽ شڪ اسين پوترتا ۽ پيار سان چمڪندڙ
حياتيءَ ۾ وڌون، سچ پچ خوبصروت زندگي !

## ويشنو ڪاڌن جو ميلو
## Exotic Vegetarian Food Festival

سنڌين جي سچي سنت، نهني نماڻي، پياري ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي جي ١٣٢ جنم ڏينهن جي سنبنڌ ۾ هر سال وانگر ويشنو ڪاڌي جو ميلو، ريڊيو ڪلب، ڪولابا ۾ آيوجن ڪيو ويو آهي. منڙي ساڌو واسواڻي ۽ پياري دادا جشن کي پسن پکين لاءِ بيحد پيار آهي، هو هميشهه کان جانورن جي ڪتلام جي برخلاف آهن، ڪوس گهر ڪيترن شهرن ۾ گرديو جي شپ جنم ڏينهن ٢٥ نومبر تي بند ڪيا ويندا آهن. پسن پکين جي شيوا ڪئي ويندي آهي. ٢٥ نومبر ويشنو ڏينهن ديش وديش ۾ ملهايو ويندو آهي. ڪروڙن ۾ پرتگيا پتر اُن ڏينهن ويشنو ٿيڻ لاءِ ڪيا ويندا آهن. جي منڙي گرديو جي ڪمڪ چرڻن ۾ سندس شپ جنم ڏينهن تي نماڻي پيٽا ڪري اَرپڻ ڪيا ويندا آهن.

هن دفعي ١٢ نومبر ڇنڇر ڏينهن شام جو ٥ بجي کان ريڊيو ڪلب ڪولابا جي پيئر تي هر سال وانگر ويشنو ڏينهن ملهايو ويندو. ويشنو ڪاڌي جي طرح طرح طعامن جا اِسٽال هوندا. سنڌين جي مشهور هوٽڪ پنهنجا گول گپا ۽ ٻيون چٽ پٽيون شيون رکندو. ايڪ ڪچن (پالڪي وارا) ٻه خاص ڪاڏا رکندا. مدراسي، چائنيز، اِٽلين، منايون، چاڪليٽ وغيره وغيره هوندا. ٻارن جي وندر لاءِ رانديون هونديون، موڄ مستيءَ لاءِ ميري گرائونڊ، مون واڪر، وغيره هوندا. ميهندي ۽ ٽٽو جا هوشيار آرٽسٽ هوندا. سڀ کان وڏيڪ اسانجو مکيه اِسم هميشهه وانگر ٿيندو سنڌي مشهور ڳائيندڙ، جو هن دفعي آهي شري گريش ساڌواڻي ۽ پارٽي. گريش سياڳو آهي جو منڙي دادا جشن جي ڪمڪ ڪدمن ۾ ڪول پئجي ويو آهي، سندس سُر سنت وٽ اُڳهائجي ويا آهن. ڪاڌي سان گڏ ٻيا ٻه اِسٽال هوندا. جيئن ته ڊريسز، جويلري، اَپنگ ٻارن جو پيٽنگ NAB-INDIA (SEC) (نئشنڪ اِسڪول فار بلائينڊ) جو اِسٽال ۽ اورَا ريڊينگ ٽئروٽ (TAROT) وغيره وغيره

هن فنڪشن ۾ سنڌي سماج جا مدبر، ڊاڪٽر، سوشک ورڪر ۽ سڀ کان وڏيڪ ست سنگي ۽ عام جنتا ڀاڱ وٺندي آهي، هن ميلي جي ذريعي ماڻهن ۾ ويشنو ڪاڌي جي اَهميت ۽ اُن مان فائدن جي خبر پوندي آهي، ماس مڇي کائڻ ڪري ڪيتريون نه بيماريون ٿين ٿيون اُن جي ڄاڻ پوندي آهي ۽ ساتوڪ ڪاڌو، برهم پوڄ جو ڪاڌو کيئن نه صحت کي نه صرف ٻڪ ڏيئي پر اُن جي ڪري ڪيتريون بيماريون ٽري وڃن ٿيون.

هن ويشنو ميلي مان جيڪا اُپت ٿيندي آهي سان پسن پکين جي پلي لاءِ ۽ غريبن جي شيوا

**ٿوري ۾ راضي رهڻ وڏي نعمت آهي.**

۾ خرچ ڪئي ويندي آهي. سو سيني کي گڏجي هن يگيہ ۾ ضرور ان ڪٽو وجھڻ کپي.

اسٽال ۱۵۰۰ رپئي ۾ ۽ بئنر جنھن ۾ نہ صرف توهانجي ڪمپني جو نالو هوندو پر منڙي دادل شاه ۽ منڙي دادا جشن جو اَمولڪ ويچار هوندو. بئنر ۷۵۰۰ رپيا آهي. پر ايھو پڪ چاٽو تہ توهانجو هڪ هڪ پئسو شيوا ۾ سجايو ٿيندو ۽ توهانکي اڻ مئي آسيس ملندي.

سو نہ وسارجو ۱۲ نومبر ڇنڇر ڏينھن شام جو ۵ بجي ريڊيو ڪلب، ڪولابا ضرور اچي ڀاڱ وٺو ۽ آسيس پايو. سمپرڪ ڪريو،

پونم ملاڻي - موبائيک 9820381581

ساڌو واسواڻي آفيس 22843054

- پونم چندرو ملاڻي

# ساڌو واسواڻي مشن ممبئي - شري ڪرشڻ جو جنم ۽ ڇٺي

شري ڪرشن نٽکٽ ڪنعيي جو جنم ۲۱ آگسٽ ڏاڍي شرڌا ۽ ڌوم ڌام سان ساڌو واسواڻي مشن گيتانجلي، ڪولابا ۾ ملهايو ويو. اڄ گروُڪک جا ٻار جيڪي هر ڇنڇر تي مشن ۾ ايندا آهن ۽ منڙا ڀڄن،منتر، پرارٿنائون ۽ يوگا سکندا آهن، سي ٻال ڪرشڻ، راڌا ۽ گوپين جي ويس ۾ آيا، اچي سچ پچ برندابن جي راس رچايائون، گيت ڳايائون. مکڻ ۽ مصري سنگت کي ڏنائون. نکارو پڙهڻ نہ پر ڏسڻ وٽان هو. اسانجا ستسنگي اصک اُمنگ ۾ اچي ويا. پونم ملاڻي جيڪا گروکک ۾ ٻارن جي ٽيچر آهي تن کين چاڪليٽ جا پئڪيٽ اِنعام طور ڏنا، جي ڏسي ٻارن جون اکيون چمڪڻ لڳيون. ڪملا ماکيجاڻي، پونم ۽ هري ڀڄن ڳاتا.

شري ڪرشڻ جي ڇٺي جنم جمع ۲٦ تاريخ ساڳئي اُتساھ سان ملهائي ويئي. هن دفعي سونوُ چنديراماڻي منڙا ڪرشڻ ڀڳتي جا ڀڄن ڳايا. مان چوندي آهيان ٻالڪي سونو کي شاباس آهي هر ٻڌر ڏينھن باڪاعدي ايندي آهي چيمبور مان، پاڻ ڪار ڊرايئو ڪري اچي هيڏي ٽرئفڪ ۾ ۽ وري رات جو ۸ بجي موٽي. منڙي ڪرشڻ، پياري دادل شاه ۽ پياري دادا جشن جي آسيس مٿس چمڪي ۽ چمڪندي رهي. سنگت هميشھ پوريون ڪٽي ايندي آهي. باڪي اسين مشن ۾ ڇٺيءَ جي پرسادي پڪوڙا، پٽاٽا ۽ کيرڙي ٺاهيندا آهيون. سچ پچ اُن ڏينھن پرساد ۾ خاص سواد هجي، خاص ڪري ڪرشڻ جي ڪرپا هجي. جڏهن ستسنگي سان گڏ هيٺيان بلڊنگ چوُڪيدار، لفٽ وارا، غريب پينرن ۽ ٻائرن کي کيرڙي ڏيندا آهيون تہ هڪ هڪ جي مهانڊي کي مان غوُر سان ڏسان تہ ڪيئن نہ سندس اکين ۾ پيار ۽ منهن تي مشڪ هجي. اسين تہ وري بہ گھرن ۾ هيءُ لذيذ شيون ٺاهيون ٿا پر غريب، دريدرن کي ڪڏهن ناهڻ ۽ کائڻ جو وجھہ ملندو هوندو، کين پرساد مليو ڄڻ اللھ مليو. سچ پچ وڏا ڏينھن اچن ٿا تہ سچو سک، سچو آنند غريبن کي کارائڻ ۽ دعائن وٺڻ جو موکعو ملي ٿو. اسانجي ساڌو واسواڻي مشن جي هر سينٽر ۾ شيوا ڪرڻ تي تمام ڌيان ڏنو ويندو آهي جو گرديو شيوا جي مورت هو ۽ آهي. منڙي دادا جشن جي در تي ڪيئن نہ دکين، بکايلن، دردمندن جي پيار سان شيوا ڪئي ٿي وڃي ۽ پاڻ شرير ناساز هوندي بہ پنهنجن ڪمک هٿن سان شيوا ڪندو رهندو آهي. پريو کيس وڏي آورجا ۽ سٺي صحت ڏي.

ڪولابا سينٽر ۾ اسانجا آفيس جا ماٺهو گٽيش پوار ۽ ڪشور گائڪوار کيئن نہ پيار سان شيوا کن پيا، نؤڪري تي سپکو پيو پيٽ لاءِ ڪري

**ٻاهر سڙندو سيڪو ڏسي، اندر سڙندو ڪوئي نہ ڏسي،**

پر هيءُ ٻئي شيوا جون مورتون آهن. هر ڪم پنهجين وِت ڪان ٻاهر ڪن ٿا. اسانجي مندر ۾ مان تہ ڪُرسيءَ تي ويهي ٻڌايان تہ فلاڻو ڊيڪوريشن يا گڪ هڻون - پر سچي محنت اِنهن ٻالڪن جي آهي، پئيئي ڪي پرساد ٺاهڻ، پئڪنگ ڪرڻ، جاڳو اخبار پوسٽنگ، مني آرڊر ڪرڻ، بئنڪ جا ڪم، هر ڪم ڪن پر خوشيءَ سان پنهنجائيءَ سان ايها وڏي خاصيت منجهن آهي. جنگ ۾ جيئن وڏي جنرل يا سارجنٽ کي انعام ٿا ملن پر سپاهين جي سچي ڪرباني ڏني تن جو ڪٿي نالو ڪونہ هجي، اِها حالت هر ڪينتر ۾ آهي. جيڪي ديکا ديکي ڪن تن جو ڪم ڏسڻ اچي، جيڪي سانت ۾ صبر ۽ پيار سان ڪن سي بي نام ئي رهن. پر مونکي پڪ آهي پريوءَ جي دربار ۾ اُهي ئي ڪبول پون ٿا.

اڄ نہ صرف منڙي دادل شاهہ ۽ پياري جشن جي نوراني تصويرن ۽ هال کي سينگاريو ويو پر ڪرشن راڌا (منهنجي ماتا پتا جي مندر جي سنگمرمر مورتن) کي بہ هميشهہ وانگر سينگاريو ويو. طرحين طرحين جا ديپڪ جلايا ويا. سينگاريڪ جهولي ۾ بہ ٻال ڪرشن جنهن کي سيني سنسنگين پريم سان جهولايو ڪملا ڳايو ”سونو پينگهو سڪ جو توکي لوڏيان“، پونم ڳايو، ”اَمڙ منهنجي مون موڪڪ ڏي“، سونو ”ڪرشنا هري ڪرشنا“ ڳايو. سڀ سنسنگي سڪ پڪ گوڪڪ ۽ برندابن جي ڪنج گلين ۾ ڪرشڻ پڳتيءَ ۾ رنگجي وياسين.

شڪ سيني تي پياري ڪرشڻ ڪنيعي جي، اسانجي دلين جي ڪرشڻ (دادا جشن واسواڻي) مهر ۽ آسيس چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

١٠ سيپٽمبر، مشن جي ڊائمنڊ جبلي سال جي (٥ مهني جي) سنبنڌ ۾ مشهور ڳائيندڙ نرمڪ ميرچنداڻي، وندنا ميرچنداڻي، ڪشور ميرچنداڻي، گهنا ميرچنداڻي ۽ گروپ منڙا ڀڄن ڳايا. سيني کي پنهنجن مڌر ڀڄنن سان منتر مگڌ ڪيو. سوسائٽي فار ڪرپڪ ۾ صبوح جو اپنگن ٻارن جي شيوا ڪئي ويئي. اُتي اِسپيشڪ ڪاڊو ٺاهرايو ويو ۽ مٺان نئپڪن، چاڪليٽ، بسڪوٽ ڪٽي وياسين ۽ سندن آسيس ورتيسين.

١٠ آڪٽوبر ڊالو ملاڻي جي مهرباني سان آرٽ آف لِونگ مان آلوڪ، شروتي ۽ گروپ آيا. ڪرشڻ پڳتيءَ جا منڙا گيت ڳائي سيني کي جڻ برندابن جي ڪُنج گلين ۾ وني هليا. ڪين بہ ڏاڍو آنند آيو، چيائون تہ اسين وري وري هتي ايندايسن. رشي ڏيارام گدومڪ، ٻالڪين جي آشرم چؤپاٽي تي خاص ڊنر ٻالڪين کي ڪارائي ويئي. ڀاءُ شيام چنديراماڻي ٻالڪين لاءِ نئپڪن موڪليا ۽ مون چاڪليٽ، جيڪي وني ٻالڪين جون سڄ پڇ اکيون چمڪڻ لڳيون. اِيهي ٻالڪيون نہ صرف هتي رهن پر اسڪول ۽ ڪاليج بہ هتان وڃن، انهن مان هڪ اکين جي ڊاڪٽر ٿي آهي. جڏهن مون ٻالڪين کي ٻڌايو تہ اسين پياري دادا جشن جي پاران فري آءِ ڪئمپ هر مهني هڻندا آهيون تہ يڪدم اُتي مون وٽ آهي تہ ”آنٽي ! هن دفعي مان بہ توهان سان ڪم ڪندس جو مان ڊاڪٽر ٿي آهيان ۽ سابہ اکين جي.“ مونکي ڏاڍي خوشي ٿي، مون چيومانس تہ،”هاڻي تون بہ اسان سان هلج، پنهنجي نوبڪ پروفيشن جي شروعات بہ شيوا جهڙي نوبڪ ڪم سان شروع ڪج. اسان وٽ گروپ ۾ ڊاڪٽر ايڪتا سميت گيهاڻي آهي، هاڻي تون بہ اسان جي آهين باڪي ڊاڪٽر تہ سيان اِسپتال ۽ ڊاڪٽر اشوڪ جيويري ليڊي ٽاٽا اِنسٽيٽيوٽ مان ايندو آهي. پريوءَ جي ديا سان ٦ مهنن ڪان گهرجائن جي اکين (نور) جي چيڪ اَپ ۾ ڪين چشما ترت ڏنا ٿا وڃن. سڀ مني گرديو جي مهر آهي.

- پونم چندرو ملاڻي

**جنهن نہ چيو تنهن گهڻو چيو**

# پارتيه سنڌو سڀا (ڏکڻ ممبئي)

پارتيه سڀا ٢٨ آگسٽ آرتوار ڏينهن، پريزيڊنسي هال ريڊيو ڪلب ۾ رکشا بنڌن جو شپ اُتسو ملهايو. سڄو هال مدبر پائرن پينرن سان پريڪ هو. چؤڌاري سنڌيت جي خوشبو پئي آئي. هر ڪنهن سنڌي ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. پوڙ ٻڍو هجي يا جوان - هن سنسٿا پاران ڪيترن سالن ڪان وڏا ڏينهن خاص ڪري رکشا بنڌن ڌوم ڌام سان ملهائيندا آهن. هن پروگرام جي چيف گيسٽ هئي ڪماري منجو نچاڻي ڪي.سي. ڪاليج جي پرنسپال. هيءَ جهڙي سهڻي سڀاجهي عاليشان شخصيت جي مالڪ آهي تهڙي ئي سياوَ جي مني آهي. حيدرآباد سنڌ ڪاليجيٽ جن جا اٽڪ ٤٠ ڪاليج ممبئي ۽ اُلهاسنگر ۾ هلن پيا، تن جي سيڪريٽري آهي. ڪابڪ ليڪچرار پرنسپال آهي. هن ۾ آرگنائيز ڪرڻ جو ڏانوَ آهي. پنهنجي ڪاليج ۾ ٻه چار نوان ڪورس شروع ڪيا اٿئين ۽ ڪافي ڪاعدي ڪانون ۽ ڪابليت سان ڪاليج هلائي پيئي. مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي جڏهن سنڌي پينر اوچي عهدي تي پنهنجي ڪابليت سان پهچنديون آهن ۽ پنهنجي سڀيتا، ساهتيه ۽ ٻوليءَ کي زنده رکڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. هڪ ٻولي ئي اسانکي ٻڌي ويني آهي. پرنسپال منجو نچاڻي چيو ته ڪاليج ۾ جيڪي ٻار سنڌي ڪوٽا مان داخلا وٺڻ ايندا آهن مان اُنهن سان سنڌي ۾ ڳالهايان، تمام ٿورن کي سنڌي ايندي آهي، ڏک جي ڳالهه آهي مائٽ گهرن ۾ سنڌي نٿا واپرين، اسين بين ذاتين کي ٩٢ سيڪڙو تي داخلا ڏيون، پر سنڌين کي ٧٢ سيڪڙو تي داخلا ڏيندا آهيون.


مشهور ڳائيندڙ اندرو آتما

شريمتي اندرا پونا وارا گيسٽ آف آنر هئي، ٻڌايائين ته مان پارتيه سنڌو سڀا جي زالن جي وِنگ جي چيئرمن آهيان، سنڌي جي ليکڪا آهي. خاص لوناوالا مان پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ آئي.

سڀ جو سرمور هو شري اندرو آتما، سرڳواسي چندرو ۽ سي.ايڇ آتما جو ننڍو پاءُ، هو نه صرف پائرن وانگر ڳائيندڙ آهي پر ميوزڪ جا ڪيترا ساز وڄائيندو آهي. مٽڪو، ڊفلي، شيشي جا ٽڪر ۽ ٻمبو ساز، جيڪو چڱو وڻندڙ هو ۽ ايهو ساز اي.آر. رحمان مشهور ميوزڪ ڊائريڪٽر جي ميوزڪ ۾ هن وڄايو. ڪيترن فلمن ۾ هن طرح طرح جي سازن سان سُر ڏنا آهن.

اهڙا پروگرام جلد ٻه جلد ٿيڻ کپن جيڪي سنڌين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي رکن ٿا. پروگرام جي ڪاروائي شري گگ پنجابي هلائي. پارتيه سنڌو سڀا جي ڪاميٽي جا ميمبر آهن. شري ايڪ.ڪي. چنديراماڻي، شريڌر موٽواڻي، شري گوپ هاساڻي، رميش ڇٻاڻي، رميش ايسراڻي، پرڪاش ميرچنداڻي، وجيه گدواڻي

- پونم چندرو ملاڻي

سياڻو گهٽ ۾ گهٽ ڳائيندو آهي